SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 2021

# SINDH ACT NO.XIX OF 2021

# سنڌ ايمپلائيز سوشل سڪيورٽي (ترميم) ايڪٽ، 2021

# THE SINDH EMPLOYEES SOCIAL SECURITY (AMENDMENT) ACT, 2021

## فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2.2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VI جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.VI of 2016
3.2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VI ۾ دفعہ 20_A جي شموليت
Insertion of Section 20_A in Sindh Act No.VI of 2016

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 2021
# SINDH ACT NO.XIX OF 2021
# سنڌ ايمپلائيز سوشل سڪيورٽي (ترميم) ايڪٽ، 2021
# THE SINDH EMPLOYEES SOCIAL SECURITY (AMENDMENT) ACT, 2021

[4 آگسٽ 2021]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ايمپلائيز سوشل سڪيورٽي ايڪٽ، 2016 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ايمپلائيز سوشل سڪيورٽي ايڪٽ، 2016 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ ايمپلائيز سوشل سڪيورٽي (ترميم) ايڪٽ، 2021 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VI جي

2.سنڌ ايمپلائيز سوشل سڪيورٽي ايڪٽ، 2016 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي

دفعہ 2 ۾:

دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.VI of 2016

(i) ذيلي دفعہ (9) ۾ لفظن "بيان ڪيل يا لاڳو ڪيل" کانپوءِ لفظ "سيلف ايمپلائيڊ ورڪر" شامل ڪيا ويندا؛

(ii)ذيلي دفعہ (27) کانپوءِ هيٺيون نيون ذيلي دفعات شامل ڪيون وينديون:

"(27_A) "سيلف ايمپلائيڊ ورڪر" مطلب اهو شخص جيڪو پاڻ کي ڪنهن ڪم ۾ مصروف ڪري ٿو جهڙوڪ ڊيلي ويجز پورهيت، تعميراتي پورهيت، گهريلو پورهيت، ٽرانسپورٽ پورهيت، فشريز پورهيت، زرعي پورهيت، سيزنل پورهيت ۽ پورهيت جيڪو سنڌ دڪان ۽ ڪمرشل اسٽيبلشمينٽ ايڪٽ، 2015 (2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XII) تحت ملازمت تي رکيل هجي؛

(27_B) "سمارٽ ڪارڊ" مطلب نيشنل ڊيٽا بيس اينڊ رجسٽريشن اٿارٽي (نادرا) طرفان بينظير مزدور ڪارڊ سڏيني سيڪيورڊ ورڪرز کي سوشل سڪيورٽي اسڪيم تحت ملندڙ سوشل سڪيورٽي فائدن جي مقصد لاءِ ڏنو ويندو."

2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VI ۾ دفعہ 20_A جي شموليت
Insertion of Section 20_A in

3.جاڙايل ايڪٽ ۾ دفعہ 20 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"20_A.سيلف ايمپلائيڊ ورڪرز طرفان ڪنٽريبيوشن. جيستائين ڪجھ هن ايڪٽ ۾ شامل نہ هجي، ايمپلائر طرفان ملازمت تي رکيل

| | |
|---|---|
| ملازمن کانسواءِ ٻيا ملازم اداري کي پندرنهن سئو رپيا ماهوار فڪس ريٽ تي اهڙين شرطن تحت حصو ادا ڪندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.". | Sindh Act No.VI of 2016 |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**